# بي روزگاري جا اسباب

**17-October-2024**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)



17 آڪٽوبر 2024ء (متوقع اسلامي تاريخ: 12 ربيعُ الآخر 1446ھ) تي
پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# بي روزگاري جا اسباب

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... غريب فائدي ۾ آهي
- ✿... غربت هڪ نعمت آهي
- ✿... حلال ڪمائڻ به عبادت آهي
- ✿... ٿوري رزق تي راضي رهڻ واري جو انعام

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَۃُ الْعِلْمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دروڊِ پاڪ جي فضيلت

اربعينِ عطار قسط: 2، صفحو: 5، حديث نمبر 5 آهي:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اِجْعَلُوْنِيْ فِيْ وَسْطِ الدُّعَاءِ وَفِيْ أَوَّلِهٖ وَفِيْ آخِرِهٖ يعني مونکي دعا جي وچ ۾، شروع ۽ آخر ۾ رکو.[1]

وضاحت: يعني توهان مون تي پنهنجي دعا جي شروع ۾، وچ ۾ ۽ آخر ۾ درود پڙهو

نبی شان میں ہو جس قدر درود پڑھو
نبی کے صدقے تمہاری مراد ہو حاصل
ہزار درد کو یہ ایک دوا کفایت ہے

مُحِبّو! پاؤ گے جنت میں گھر درود پڑھو
دعا کے اوّل و آخر اگر درود پڑھو
جو پیش آئے ذرا بھی خطر درود پڑھو (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي:اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات اعمال جو دارو مدار نيّتن تي آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! چڱين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. بيان ٻڌڻ

1... مصنف عبد الرزاق 2/141، حديث : 850۔

2...نورِایمان، صفحہ:56-57۔

3...بخاری، كِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

ڪان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، نيت ڪريو! ❁ رضائي الاهي جي لاءِ بيان ٻڌندُس ❁ ادب سان ويهندُس ❁ خوب توجه سان بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻڌندُس، ان ڪي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندُس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هر ڏول جي بدلي ۾ هڪ کجور (ڪَتل)

بهرحال! حضرت اسماء بنتِ عُميس رَضِيَ اللّٰهُ عَنها جيڪي صحابيہ آهن، پاڻ فرمائن ٿيون: هڪ ڀيري پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي شهزادي سيده فاطمةُ الزهراء رَضِيَ اللّٰهُ عَنها جي گهر تشريف وٺي آيا، پڇيائون: اَيْنَ اِبْنَایَ منهنجا پٽ (يعني حسن ۽ حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنهما) ڪٿي آهن؟ عرض ڪيائين: بابا سائين! گهر ۾ کائڻ جي لاءِ ڪجھ بہ نہ هو، حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنه فرمايو: گهر هوندا تہ ڪاڏو گهرندا ۽ گهر ۾ کائڻ جي لاءِ ڪجھ نہ آهي، تنهنڪري مان انهن کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃان ٿو. مطلب تہ: اوهان جا ٻئي ڏوهٽا پنهنجي پيءُ سان فلاڻي هنڌ ويا آهن.

پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ٻنهي ڏوهٽن سان تمام محبت هئي، جيئن تہ انهن سان ملاقات جي لاءِ اوڏانهن تشريف وٺي ويا، جيڏانهن سيده فاطمہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنها ٻڌايو هو. اتي پهتا تہ ڏٺائون: حضرت مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنه کوهُ مان ڏول ڀري ڪري پاڻي ڪڍي رهيا آهن ۽ ويجهو ئي ٻئي شهزادا کيڏي رهيا آهن. پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي علي! اُس تيز ٿي ويندي، ان کان پهريان منهنجي پٽن کي گهر چونہ ٿا وٺي وڃو؟ عرض ڪيائون: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! گهر ۾ کائڻ جي لاءِ ڪجھ بہ ناهي (ان ڪري هنن کي گڏ ئي وٺي آيو آهيان) اوهان تشريف رکو! مان ڪجھ کجورون گڏ ڪري وٺان. اهو ٻُڌي محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ تشريف فرما ٿي ويا.

اصل ۾ ھي ڪنھن شخص جو ڪوھ ھو، اڳين زماني ۾ جيڪي ڪوھ ھوندا ھئا، انھن مان پاڻي ڪڍڻ آسان نہ ھوندو ھو، ان ڪري ماڻھو مزدوري ڏئي ڪري پاڻي ڪيرائيندا ھئا. حضرت مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنه اُجرت تي ڪوھ مان پاڻي ڪيدي رھيا ھئا ۽ طئي ھي ٿيو ھو تہ ھڪ ڏول ڪڍڻ تي ھڪ ڪجور ڏني ويندي. جيئن تہ حضرت مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنه جن محنت ڪري پاڻيءَ جا ڪوڙ ڏول ڪڍيا، جڏھن ڪافي ڪجورون جمع ٿي ويون تہ پاڻ ڪجورون ڪپڙي ۾ ٻڌائون، ھڪ شھزادي ڪي آقا ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم پنھنجي ڪلھن تي ويھاريو، ھڪ شھزادي ڪي مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنه ڪلھن تي ويھاريو ۽ گھر تشريف وٺي آيا. (رياض النضرۃ)

ہیں کائناتِ حُسن کے انوار پانچ تَن | خالق کا بےمثال ہیں شاہکار پانچ تَن
اُن ہی کے دَم سے رونقِ کونین ہے تمام | کونین کے ہیں مالک و مختار پانچ تَن

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غريب فائدي ۾ آھي

پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو! پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم امامُ الانبيا آھن، ❁ ٻنھي جھانن جي لاءِ رحمت آھن، ❁ اللّٰه پاڪ جا محبوب آھن، شان اھو آھي جو فرمائن ٿا: وَإِنِّي قَدْ أُعْطِيْتُ مَفَاتِيحَ خَزَائِنِ الأَرْضِ بيشڪ زمين جي تمام خزانن جون ڪنجيون مونکي ڏنيون ويون آھن. ھڪ روايت ۾ فرمايائون: اِنَّمَا اَنَا قَاسِمٌ وَاللّٰهُ يُعْطِيْ مان ورھائيندو آھيان، اللّٰه پاڪ ڏيندو آھي.

ربّ ہے مُعْطِی یہ ہیں قاسِم | رزق اُس کا ہے کھلاتے یہ ہیں

❁ پوءِ مسلمانن جي چوٿين خليفي، حضرت علي المرتضيٰ، شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنه جو شان پاڪ ڏسو! ❁ ڪيس دنيا ۾ ئي خوشخبري ٻڌائي وئي ❁ سندن شھزادا

يعني امام حسن ۽ امامِ حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جنّتي نوجوانن جا سردار آهن ❁ سندن در تان زماني جون جهوليون پرجنديون آهن ❁ پاڻ ئي تہ اُهي ذيشان آهن جن جي لاءِ پياري آقا، محبوبِ خُدا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم لٽل سج موٽائي ڇڏيو هو.

| | |
|---|---|
| تیری مرضی پاگیا سورج پھرا اُلٹے قدم | تیری اُنگلی اُٹھ گئی مہ کا کلیجا چر گیا |

❁ وري سيده فاطمة الزهرا رَضِیَ اللہُ عَنہا جو بہ بلند شان ڏسو! ❁ نبي بلڪ اِمامُ الانبياء جون شهزاديون آهن، ❁ حسنين ڪريمن جون امڙ سائڻ آهن، ❁ اها هستي آهن جن جا دعا جي لاءِ ڪنيل هٿ خالي ناهن موٽايا ويندا، ❁ جن کي الله پاڪ غيب مان رزق عطا فرمائيندو آهي، ❁ جن جي گهر جي چڪي (جنڊ) هلائڻ جي لاءِ الله پاڪ آسمان جي موڪليندو آهي، مطلب تہ هي پنجتن پاڪ آهن، بلند شان وارا، بُلند رتبي وارا آهن، ڪو مجي يا نہ مجي حق هيءُ ئي آهي تہ اڄ بہ زمانو پنجتن پاڪ جو ئي صدقو کائي رهيو آهي. انهن جي در تي دنيا پلجي رهي آهي.

پر پيارا اسلامي ڀائرو! اي عاشقانِ صحابہ و اهل بيت!

انهن بُلند رتبي وارن جو شان ڏسو! مبارڪ حالت ڏسو! زُهد ۽ دنيا کان بي رغبتي ڏسو! ❁ گهر ۾ کائڻ پيئڻ جي لاءِ ڪجهہ بہ ناهي ❁ سيده فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنہا گهر ۾ صبر ڪن ٿيون ❁ مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنہ محنت ڪن ٿا، ڳرو وزن کڻن ٿا يعني کوھ مان پاڻي جا ڏول ڪڍي ڪري ڪجورو ڪمائن ٿا ❁ ۽ ٻنهي جهانن جا تاجدار، اهي بُلند شان وارا نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهن جيڪي مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنہ جي لاءِ لٽلُ سج بہ موٽائي ڇڏيندا آهن، اڄ اشارو نہ ٿا فرمائن بلڪ گڏ تشريف فرما ٿي ڪري مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنہ کي محنت ڪندي ڏسي رهيا آهن.

# غربت بہ هڪ نعمت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مان خبر پئي تہ ظاهري طور دنياوي مال نہ هجڻ بہ هڪ نعمت آهي، جيڪڏهن هي نعمت نہ هجي ها تہ الله پاڪ پنهنجي انهن محبوب ترين هستين کي هرگز ان حال ۾ نہ رکي ها.

امير اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو رسالو آهي: غريب فائدي ۾ آهي. تمام پيارو رسالو آهي، پڙهڻ وٽان آهي. امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ان ۾ هڪ حديثِ پاڪ لکي آهي، حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنه کان روايت آهي تہ آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: غريب مسلمان امير مسلمانن کان اڌ ڏينهن پهريان جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ اهو (اڌ ڏينهن 500 سالن جي برابر هوندو[1].

هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ مشهور مفسرِ قرآن مُفتي احمد يار خان نعيمي رحمةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: خيال رهي تہ اها دير حساب جي ڪري نہ هوندي، الله پاڪ سڄي جهان جو حساب تمام جلدي وٺندو. اها دير غريبن جي شان ڏيکارڻ لاءِ هوندي تہ امير ن کي حساب جي ناليءَ تي روڪيو ويو ۽ فقيرن کي جنت طرف روانو ڪيو ويو.[2]

# جنّت ۽ جهنّم جو مڪالمو

هڪ حديثِ شريف ۾ آهي: جهنم ۽ جنّت جي وچ ۾ مُباحثو ٿيو(يعني پاڻ ۾ ٻنهي گفتگو ڪئي)، جهنم چوڻ لڳو: ”مونکي ظالم ۽ مُتڪبر ماڻهن سان فضيلت ڏني وئي آهي(يعني مان اهو آهيان، جنهن ۾ ظالم ۽ تڪبر ڪرڻ وارا ماڻهو وِڌا ويندا) جنّت چيو: منهنجي لاءِ اهو آهي تہ مون ۾ صرف ڪمزور ۽ لاچار ۽ عاجز ماڻهو داخل ٿيندا.[3]

---

1 ترمذی ،کتاب الزهد ، باب ما جاء ان فقراء المهاجرين...الخ،صفحہ:562،حديث:2354 ۔

2 مرا ۃ المناجيح،جلد:7 ،صفحہ:67۔

3 مسلم، کتاب الجنة، باب النار يدخلها...الخ، صفحہ:1092، حديث:2846۔

جڏهن ته جنّت ان تي فخر ڪري رهي آهي ته مون ۾ ڪمزور(مثلاً غريب غُربا)، متقي، پرهيزگار، دل جا پاڪ ماڻهو داخل ڪيا ويندا. (1)

تاج و تخت و حکومت مت دے
اپنی رِضا کا دے دے مژدہ
کثرتِ مال و دولت مت دے
یاالله! مری جھولی بھر دے

## اڪثر جنّتي غريب هوندا

هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: اِطَّلَعْتُ فِی الْجَنَّةِ فَرَاَیْتُ اَکْثَرَ اَھْلِھَا الْفُقَرَاءَ يعني مون جڏهن جنّت ڪي ملاحظ ڪيو ته ڏٺم ته جنّتين ۾ اڪثر تعداد غريب جو آهي.[2]

دے حُسنِ اخلاق کی دولت
مجھ کو خزانہ دے تقویٰ کا
کر دے عطا اِخلاص کی نعمت
یاالله! مری جھولی بھر دے(3)

ياد رکو! صرف غريب هجڻ ئي جنّت جي نشاني نه آهي، نه ائين آهي ته هر امير معاذَ الله! جهنم ۾ ئي ويندو. جنّت ۽ جهنم جي ورهاست الله پاڪ جي رحمت تي آهي، پوءِ اعمال تي آهي، البت! اهو شخص جنهن کي دنيا ۾ غربت ملي ۽ ان نيڪي جو رستو اختيار ڪيو، هي وڏيڪ فائدي ۾ آهي جو ان کي غربت جو به الڳ اجر ڏنو ويندو.

## مال ڪمائڻ به ضروري آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً غريب فائدي ۾ آهي پر ان جو هرگز اهو مطلب ناهي ته اسان ڪم ڪار ڇڏي ڏيون ۽ هٿ تي هٿ رکي ويهي رهون، نه ٻارن جا حق ادا ڪريون، نه ماءُ پيءُ جي خدمت ڪريون، ضرورت مطابق حلال روزگار

1... ڪشف المشكل من حدث الصحيحين، جلد:3، صفحه:165، زيرِحديث:1481۔
2... مسند احمد،مسند عبد الله بن عباس،۱/۵۰۴،حديث:۲۰۸۶۔
3...وسائل بخشش،صفحہ:123۔

ڪمائڻ جائز آهي بلڪ ڪيئي صورتن ۾ تہ واجب بہ ٿي ويندو آهي، ان ڪري حلال روزي ضرور ڪرڻ گهرجي. بني اسرائيل جو هڪ عبادت گذار بزرگ هو، اهو دعا ڪندو هو: اَللّٰهُمَّ اَغِنِّیْ عَلٰی دِیْنِیْ بِدُنْیَا وَعَلٰی آخِرَتِیْ بِتَقْوٰی يعني اي الله پاڪ! مونکي مال ڏئي ڪري منهنجي دين تي مدد فرماءِ يا تقوا ڏئي ڪري آخرت جي معاملي ۾ مدد فرماءِ

يعني مال هوندو تہ منهنجو دين محفوظ رهندو، شيطان وسوسا نہ ڏياري سگهندو، غربت ۽ فقر ۽ فاقي جي خوف ڪان منهنجي دل ۾ غلط خيالات نہ ايندا، لهٰذا منهنجو دين محفوظ رهندو، تنهنڪري اي الله پاڪ! مونکي حلال رزق نصيب فرماءِ.

تجھ کو مل جائے گا جو قسمت میں | تیری، رزقِ حلال رکھا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بي روزگاري جا سبب

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي معاشري ۾ بي روزگاري وڌندي پئي وڃي، اُن جي خاتمي جي لاءِ هي ڄاڻڻ ضروري آهي تہ آخر بي روزگاري جا اسباب ڪهڙا آهن؟ اچو مان اوهان کي بي روزگاري جا ڪجھ اسباب ٻڌايان ٿو:

## (1) محنت مزوري کان نہ گهٻرايو!

اسان حضرت مولا علي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جو واقعو ٻڌو، سندن گهر ۾ کائڻ جو سامان موجود نہ هو، پوءِ پاڻ ڇا ڪيائون...؟ گهران اٿيا، ٻاهر ويا، هڪ ماڻهو سان اجرت طئي ڪئي ۽ کوھ مان پاڻيءَ جا ڏول ڪڍي ڪري ڪجورون ڪمايون ۽ گهر وارن جي لاءِ کاڌي جو انتظام فرمايو"

سُبۡحٰنَ الله! هاڻي ٿورو غور فرمايو! رتبو ڪيترو بُلند آهي، رسول جا نِياڻا آهن، فاطمہ جا گهر وارا آهن، اها هستي آهن، جن جو هٿ مبارڪ پڪڙي ڪري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنۡ كُنۡتُ مَوۡلَاهُ فَهٰذَا عَلِيٌّ مَوۡلَاهُ جنهن جو مان مولا (يعني محبوب ۽ مددگار) آهيان، بَس هي علي بہ ان جو مولا (يعني محبوب ۽ مددگار) آهي.[1]

بیاں کس منہ سے ہو اس مَجۡمَعُ الۡبَحۡرَیۡن کا رتبہ
جو مرکز ہے شریعت کا طریقت کا ہے سر چشمہ
مسلمانو! رسول اللہ کی اُلفت اگر چاہو
کرو اس کی غلامی جس کا ہر مومن ہوا بندہ

هاڻي ڏسو! شان ايتري اوچي آهي ۽ حلال رزق ڪمائڻ جي لاءِ ڇا ڪم ڪري رهيا آهن؟ کوھ مان پاڻي ڪڍي روزي ڪمائي رهيا آهن.

هونئن سچ چوان تہ دنيا ۾ بي روزگاري وڌي رهي آهي. پر هيءُ بہ هڪ حقيقت آهي ماڻهن جي اندران محنت جو جذبو بہ گهٽ ٿي ويو آهي. اسان وٽ هي هڪ عجيب سوچ پائي وڃي ٿي، ماڻهو پيشي کي پنهنجي اسٽيٽس سان جوڙيندا آهن. ❁ هونئن بي روزگار آهن پر محنت مزدوري ناهي ڪرڻي، ماڻهو ڇا چوندا.؟ ❁ گهر ۾ فاقہ آهن پر فروٽ جي ريڙهي ناهن لڳائي سگهندا، نہ ماڻهو ڇا چوندا؟ ❁ گهر ۾ غربت گهر ڪري وئي آهي پر ننڍو وڏو ڪم ناهي ڪرڻو، انهيءَ ڪري جو ماڻهو ڇا چوندا. اسان کي ڪم بہ وڏي رتبي وارو کپي. بس هيءُ ذهن نهيل آهي تہ ڪا پلي نوڪري هجي، لک بہ لک پگهار هجي، اڳيان پنيان نوڪر هجن، عيش هجن، اهڙي اعلىٰ قسم جي نوڪري ملندي، تڏهن ئي ڪمائيندا، نہ تہ بس غربت جي ئي گلا ڪندا رهندا.

---

1 ترمذی ،ابواب المناقب...الخ،باب مناقب علی ...الخ،صفحہ:846 ،حدیث:3722

## حلال ڪمائڻ به عبادت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! حلال رزق ڪمائڻ عام ڳالهه نه آهي، هيءَ به هڪ عبادت آهي. جي ها! ❁ الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِنَّ اللّٰهَ تَعَالٰى يُحِبُّ الْعَبْدَ الْمُؤْمِنَ الْمُحْتَرِفَ بيشڪ الله پاڪ رزق جي تلاش ۾ تڪليف ڪڻڻ واري مومن کي پسند فرمائيندو آهي.[1] ❁ سيني کان افضل رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ سوال ٿيو: سڀ کان پاڪيزه عمل ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: **ماڻهوءَ جو پنهنجي هٿ جي ڪمائي کائڻ**.[2]

## هي به الله جي راه ۾ آهي

هڪ ڀيري پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما هئا، صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عنهم به حاضر هئا. اوتري ۾ هڪ خوبصورت ۽ طاقتور نوجوان تيز تيز قدم سان هلندو اُتان کان گذريو، ان کي ڏسي ڪري صحابهِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عنهم فرمائڻ لڳا: ڪاش! هي پنهنجي جواني الله پاڪ جي راهه ۾ لڳائي ها. حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ❁ جيڪڏهن هي پنهنجي نابالغ ٻارن جي لاءِ ڪمائي ڪرڻ نڪتو آهي ته فَهُوَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ته هي الله پاڪ جي ئي رستي ۾ آهي، ❁ جيڪڏهن هي پوڙهي والدين جي لاءِ روزيءَ جي تلاش ۾ نڪتو آهي ته فَهُوَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ته تڏهن به هي الله پاڪ جي ئي رستي ۾ آهي❁ جيڪڏهن پاڻ کي سوال کان بچائڻ جي لاءِ نڪتو آهي ته فَهُوَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ تڏهن به هي الله پاڪ جي رستي ۾ آهي.[3]

خبر پئي: ضرورت جي مطابق حلال رزق ڪمائڻ به عبادت آهي. هاڻي ٿورو

1...جامع صغير، صفحه:116، حديث:1873۔
2...شعب الايمان، باب التوكل والتسليم، جلد:2، صفحه:88، حديث:1238۔
3 معجم كبير، جلد:8، صفحه:160، حديث:15619۔

ٻڌايو! عبادت ڪرڻ شرم جي ڳالھ آھي يا فخر جي ڳالھ آھي، فرض ڪيو! اسان ڪٿي سفر تي وڃي رھيا آھيون، رستي ۾ نماز جو وقت ٿي ويو، اسان مسجد ۾ نٿا پھچي سگھون، نماز قضا ٿيڻ جو خوف آھي، انھيءَ ڪري رستي ۾ ئي بيھي ڪري، روڊ جي ڪناري ئي نماز پڙھڻ لڳي ويندا آھيون ، تہ ڇا اھا شرم جي ڳالھ ھوندي يا سعادت جي ڳالھ؟ يقيناً ھيءَ چڱي ڳالھ آھي، بلڪ اھڙو موقعو ھجي تہ ڪڏھن ڪڏھن دل ۾ خود پسندي وارا خيال بہ اچڻ لڳندا آھن. خبر پئي عبادت ڪٿي بہ ڪئي وڃي، شرم جي نہ فخر جي ڳالھ ھوندي آھي. لھٰذا پنھنجي ٻارن ٻچن جو پيٽ پالڻ جي لاءِ جيڪڏھن رستي جي ڪناري ريڙھي لڳائڻي پئجي وڃي، وزن کڻڻو پئجي وڃي، جوتا ڳنڍڻا پئجي وڃن، محنت مزوري ڪرڻي پئجي وڃي تہ ان ۾ شرم جي ڪھڙي ڳالھ آھي، حلال رزق ڪمائڻ جيڪڏھن چڱي نيت سان ھجي تہ عبادت آھي ۽ عبادت ۾ شرم ناھي ڪيو ويندو، فخر ڪيو ويندو آھي.

## ذلت جي جڳھ تي بيھڻ

حضرت ابراھيم بن ادھم رحمةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون تائين ھيءَ ڳالھ پھتي آھي تہ جيڪو ٻانھو حلال رزق جي ڳولا ۾ ذلت جي جڳھ تي بيھندو آھي، **ان جي لاءِ جنّت واجب ٿي ويندي آھي.**[1]

## انبياءِ ڪرام جا پيشا

پيارا اسلامي ڀائرو! حلال ڪمائي جي لاءِ پيشو اختيار ڪرڻ ڪا عام ڳالھ ناھي، انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جيڪي سڀني کان بلند رتبي وارا آھن، انھن بہ مختلف پيشا اختيار ڪيا آھن. ڪجھ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي پيشن جو ذڪر تہ قرآنِ پاڪ ۾ بہ ٿيو آھي. الله پاڪ جي نبي حضرت دائود عَلَيْهِ السَّلَام جي مُتعلق ارشاد ٿئي ٿو:

---

1 احياءالعلوم ،كتاب آداب الكسب و المعاش،الباب الاول ...الخ،جلد:2 ، صفحه:81۔

| | |
|---|---|
| وَعَلَّمْنٰهُ صَنْعَةَ لَبُوْسٍ لَّكُمْ (سيپارو: 17، سورة انبياء: 80) | ترجمو كنزُ العرفان: ۽ اسان توهان جي فائدي لاءِ ان کي هڪ خاص جو هنر سيکاريو. |

يعني حضرت حضرت دائود عَلَيْهِ السَّلَام زره ٺاهيندا هئا، اللّٰه پاڪ کين ان جو علم ڏنو.

تفسيرِ صراطُ الجنان ۾ آهي: انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام مختلف پيشن (*Professions*) کي اختيار فرمائيندا هئا ۽ هٿ سان ڪمائي ڪائيندا هئا، جيئن ته ❁ حضرت ادريس عَلَيْهِ السَّلَام سلائي جو ڪم ڪندا هئا ❁ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام ڪاٺ جو ❁ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ڪپڙي جو ❁ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ٻني ٻاري جو ❁ حضرت موسيٰ ۽ حضرت شعيب عَلَيْهِما السَّلَام ٻڪريون چارڻ جو ❁ حضرت صالح چادر ٺاهڻ جو ڪم ڪندا هئا ❁ ۽ اسان جا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيتوڻيڪ خاص طور تي ڪو پيشو اختيار نه فرمايو پر پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڪريون چاريون، تجارت فرمائي ۽ ڪجهه ٻيا ڪم به فرمايا آهن لهٰذا ڪنهن جائز ڪم ۽ پيشي کي معمولي نه سمجهڻ گهرجي.[1]

## پيشي جو طعنو

اسان وٽ جيڪي ڪجهه پيشا اختيار ڪرڻ ۾ شرم ۽ جهجهڪ محسوس ڪندا آهن، ان جو هڪ سبب اهو به آهي ته ماڻهو طعنا ڏيندا آهن. ❁ جيڪو ڪپڙا ٺاهيندو آهي، ان کي ڪُوري چئي ڪري شرم ڏياريو ويندو آهي ❁ جيڪو جوتا سبندو آهي، ان کي حقير سمجهي ڪري، طعني طور موچي چيو ويندو آهي ❁ جيڪو وارَ ٺاهيندو آهي، ان کي طعني طور حجم چئي ڪري شرمسار ڪيو ويندو آهي، هي نهايت غلط ڳالهه آهي، تمام غلط ڳالهه آهي. طعنا ڏيڻ دل آزاري جو سبب آهي ۽ دل ڏکائڻ حرام ۽ جهنم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي. اللّٰه پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

1 صراط الجنان ،پاره :17، سورهٔ انبياء،زيرِ آيت: 80 ،جلد:6 ،صفحه:354

| ترجمو كنزُ العرفان: ۽ پاڻ ۾ كنهن كي طعنو نہ ڏيو. | وَلَا تَلْمِزُوْۤا اَنْفُسَكُمْ (سيپارو: 26، سورة حجرات: 11) |
|---|---|

يعني زبان يا اشاري جي ذريعي هڪبئي تي عيب نہ لڳايو ڇوتہ مومن هڪ جان جيان آهي جڏهن تہ ٻئي مومن تي عيب لڳايو ويندو تہ ڄڻ پاڻ تي ئي عيب لڳايو ويندو.[1]

## توهان جو پيشو برڪت وارو آهي

حضرت عبدُالله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنه کان روايت آهي: هڪ پيري هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي پيشي جي باري ۾ اوهان ڇا ٿا ارشاد فرمايو؟ پاڻ ڪريمن فرمايو: ڪهڙو ڪم ڪندو آهين؟ عرض ڪيائين: مان ڪپڙا ناهيندو آهيان (سنڌيءَ ۾ جنهن کي ڪُوري/ ڪاتار چيو ويندو آهي) پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان جو پيشو حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام وارو آهي، سڀ کان پهريان جنهن ڪپڙو ناهيو اهي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام آهن، بيشڪ توهان جو پيشو اهو آهي، جنهن جي ضرورت جيئرن سان گڏوگڏ مُئلن کي بہ پوندي آهي، (جو انهن کي ڪفن پارايو ويندو آهي). جيڪو توهان کي (توهان جي پيشي جي سبب طعنا ڏئي ڪري) تڪليف پهچائيندو آهي، اهو ڄڻ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي طعنا ڏيندو آهي، خوف نہ ڪيو! توهان کي خوشخبري آهي جو توهان جو پيشو مُبارڪ آهي، قيامت جي ڏينهن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام توهان جا قائد هوندا.[2]

الله پاڪ اسان کي چڱي سوچ نصيب فرمائي، جيڪو خوشنصيب پنهنجي ٻارن ٻچن جو پيٽ پالڻ جي لاءِ حلال پيشو اختيار ڪندو آهي، اهو چڱو انسان آهي، نيڪ ڪم ڪندو آهي، اسان کي گهرجي تہ ان جي حوصلہ افزائي ڪيون،

1 (روح المعانی، الحجرات، تحت الآیۃ: ۱۱، ۱۳ / ۴۲۴)

2 البرکۃ فی فضل السعی و الحرکۃ، الباب الاوّل...الخ، صناعات الانبیاء، صفحہ:46۔

جيڪڏهن تي سگهي ته ان جي مدد ڪيون، ان جو هٿ ونڊايون. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان معاشرو سڌرندو ۽ بي روزگاري جو خاتمو ٿي ويندو.

## (2) گهٽ آمدني تي راضي نه ٿيڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان وٽ بي روزگاري وڌي رهي آهي، ان جو هڪ سبب هي به آهي ته ماڻهو گهٽ آمدني تي راضي ناهن ٿيندا. ڪيترا ئي اهڙا آهن جيڪي ڪم ڪار ناهن ڪندا، فارغ گهمندا آهن ۽ گڏوگڏ پريشان به رهندا آهن، انهن جي غم جي ڪهاڻي ٻڌون ته خبر پوندي: ❁ فلاڻي جڳهه تي ڪم ملي رهيو هو پر سيلري گهٽ هئي ❁ پوءِ فلاڻي فيڪٽري ۾ ڪوشش ڪئي، اهي به ٿوري سيلري ڏئي رهيا هئا. ❁ فلاڻي جڳهه C.V جمع ڪرائي، اهي به سُني رقم ڏيڻ جي لاءِ تيار نه ٿيا. يعني انهن جو هي خواب هوندو آهي ته پهريون پيرو ئي نوڪري لڳي، روزگار ملي ته اهڙو ملي جو پگهار هزارن ۾ نه بلڪ لکن ۾ هجي.

بنيادي طور تي هيءَ سوچ ئي سهي ناهي. ترقي هميشه زيرو کان ئي شروع ٿيندي آهي بلڪ علمِ نفسانيت جا ماهر ته چون ٿا، **ڪاميابي جو سفر زيرو کان نه بلڪ مائنس کان شروع ٿيندو آهي**، هڪ ننڍي مثال جي ذريعي ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو. فرض ڪيو! ڪو گڏو آهي، اوهان کي ٽپُ ڏئي ان کي پار ڪرڻو آهي، جيڪڏهن توهان ان جي ڪناري تي بيهي ڪري ٽپ ڏيندا ته پار نه ڪري سگهندا، هاڻي ٿورو پوئتي اچو! هاڻي ڊوڙي ڪري ٽپ ڏيو! هاڻي توهان آسان سان کڏو پار ڪري ويندا. خبر پئي: ڪاميابي جي لاءِ بعض اوقات پوئتي وڃڻ به ضروري آهي، هي سفر زيرو کان نه بلڪ مائنس کان شروع ڪيون ته ڪاميابي قدم چُمندي آهي. جيڪڏهن سيلري گهٽ ملي رهي آهي، آمدني گهٽ ٿي رهي آهي ته ان ۾ پريشاني جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ اڄ سيلري گهٽ آهي، اڄ آمدني گهٽ آهي، ڪم ڪنداسين، محنت

ڪنداسين، الله پاڪ برڪتون عطا فرمائيندو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! آمدني وڌي ويندي، سيلري ۾ اضافو بہ نيث ٿي ئي ويندو.

## عاليشان بنگلو خريد ڪرڻ جي خواهش

هڪ غريب شخص هو، اهو ڪٿان گذري رهيو هو، ان جي نظر هڪ عاليشان بنگلي تي پئي، خوبصورت ۽ عاليشان گهر ڏسي ڪري ان جي دل ۾ آرزو پيدا ٿي ۽ ان کي شوق ٿيو تہ ڪاش! ڪهڙيءَ طرح مان بہ اهڙو عاليشان گهر ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃان. هاڻي ان عاليشان بنگلي جو دروازو گڙڪايو. ملازم دروازو کوليو. غريب ماڻهو عرض ڪيو تہ مان هن بنگلي جي مالڪ سان ملڻ چاهيان ٿو. جيئن تہ ان کي بنگلي جي مالڪ جي سامهون پيش ڪيو ويو. غريب شخص ان بنگلي جي مالڪ کان پڇيو: سائين! مان بہ اهڙو عاليشان گهر نهرائڻ چاهيان ٿو، ان جي لاءِ مونکي ڇا ڪرڻو پوندو؟ بنگلي جي مالڪ نهايت سادگي سان چيو: ٽافِين جو هڪ ڊبو خريد ڪر ۽ فُٽ پاٿ تي ويهي وڪڻڻ شروع ڪر! غريب شخص هي جواب ٻڌي ڪري ڏاڍو حيران ٿيو تہ مان تہ هن کان عاليشان بنگلو خريد ڪرڻ جو طريقو پڇي رهيو آهيان ۽ هي مونکي فُٽ پاٿ تي ويهڻ جو مشورو ڏئي رهيو آهي. ان حيراني مان چيو: سائين! مان اوهان جو مطلب ناهيان سمجهي سگهيو....؟ بنگلي جي مالڪ چيو: سادي ڳالهہ آهي، تون منهنجي گهر جهڙو گهر خريد ڪرڻ چاهين ٿو. مون بہ فُٽ پاٿ تي ويهي ڪري ٽافيون وڪڻڻ کان شروعات ڪئي هئي، توهان بہ اتان کان شروع ڪيو! الله پاڪ مون کي محنتن جو صِلو عطا فرمايو، توکي بہ ضرور عطا فرمائيندو.

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ حقيقت آهي...!! ابتداء ٿوري سيلري کان ئي ٿيندي آهي، پوءِ وقت سان گڏوگڏ الله پاڪ ان ۾ برڪت بہ عطا فرمائي ڇڏيندو آهي.

ان کري روزگار ملي رهيو آهي گهٽ آمدني وارو ئي آهي، ان کي قبول کري ونو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! بهتري ٿيندي.

## گهٽ آمدني وارو آقا جو دوست آهي

جيڪي گهٽ ڪمائي ڏسي ڪري گهٻرائيندا، احساسِ ڪمتري جو شڪار ٿيندا ۽ دل ميري ڪندا آهن، انهن جي تسلي جي لاءِ هڪ ايمان افروز روايت ٻڌايان ٿو: جيڪو ٻانهو گهٽ آمدني تي صبر ڪندو آهي، اهو پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دوست آهي. ترمذي شريف آهي، حضرت ابو اُمامہ باهلي رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِنَّ اَغْبَطَ اَوْلِيَائِى عِنْدِى بيشڪ منهنجي ويجهو منهنجي دوستن ۾ وڌيڪ قابلِ رشڪ دوست اهو آهي (جنهن ۾ هي صفتون هجن) (1): لَمُؤْمِنٌ جيڪو مومن هجي (2): خَفِيفُ الْحَاذِ گهٽ سامان وارو هجي (3): ذُو حَظٍّ مِنَ الصَّلَاةِ ڪثرت سان نماز پڙهڻ وارو هجي (4): اَحْسَنَ عِبَادَةَ رَبِّهِ پنهنجي رب جي چڱي طرح عبادت ڪرڻ وارو هجي (5): وَاَطَاعَهُ فِى السِّرِّ اڪيلائي ۾ الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪرڻ وارو هجي (6): وَكَانَ غَامِضًا فِى النَّاسِ لَا يُشَارُ اِلَيْهِ بِالْاَصَابِعِ ماڻهن ۾ لڪيل هجي، ان جي طرف آڱرين سان اشارا نہ ڪيا ويندا هجن ۽ وَكَانَ رِزْقُهُ كَفَافًا فَصَبَرَ عَلَى ذٰلِكَ **ان جو رزق (يعني آمدني) بقدرِ ڪفايت هجي اهو ان تي صبر ڪندو هجي.**[1]

خبر پئي: جنهن جي آمدني گهٽ هجي، خرچ وڌيڪ هجي، ساز و سامان گهٽ هجي، گهٽ آمدني جي باوجود صبر ڪرڻ وارو، الله پاڪ جو شڪر ڪرڻ وارو، الله پاڪ جي ورهاست تي راضي رهڻ وارو، ڪثرت سان نمازون پڙهڻ وارو هجي، اهو محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دوست آهي. سُبْحٰنَ الله! ڪهڙي نرالي فضيلت آهي! ❁ ڪجھ ڪمَ هوندا آهن جن تي

1...ترمذی، کتاب الزہد، باب ما جاء فی الکفاف والصبر علیہ، صفحہ:561، حدیث:2347۔

جنّت جي خوشخبري ڏني ويندي آهي ۞ ڪجھ اھي آھن، جن ۾ جھنم کان آزادي جي خوشخبري ٻڌائي ويندي آهي ۞ ڪجھ اھي ڪمَ آھن، جن جي باري ۾ فرمايو ويندو آهي تہ جيڪو ٻانھو ھي ڪم ڪندو، اھو پلصراط تان سلامتي سان گذري ويندو ۞ ڪنھن ڪم تي قبر جي عذاب کان ڇوٽڪاري جي بشارت ھوندي آهي پر قربان وڃو! ان شخص جي خوش قسمتي تي جنھن ۾ حديث شريف جي اندر بيان ڪيل 7 اوصاف لڌا وڃن، ھي اھڙو بُلند رتبي وارو آهي جو ان کي مالڪِ جنّت، قاسمِ نعمت، محبوبِ ربُّ العزت صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنھنجو قابلِ رشڪ دوست فرمايو آهي.

| | |
|---|---|
| اللہ کا محبوب بنے جو تمھیں چاہے | اس کا تو بیاں ہی نہیں کچھ تم جسے چاہو (1) |

## جيڪو ٿوري رزق تي راضي رهي...!!

مسلمانن جا چوٿان خليفہ حضرت علي المرتضيٰ شيرِخُدا رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه روايت ڪن ٿا تہ الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو:

مَنْ رَضِيَ مِنَ اللهِ بِالْيَسِيرِ مِنَ الرِّزْقِ رَضِيَ اللهُ مِنْهُ بِالْقَلِيلِ مِنَ الْعَمَلِ يعني جيڪو الله پاڪ جي ڏنل ٿوري رزق تي راضي ٿي ويندو، الله پاڪ ان جي ٿوري عمل تي راضي ٿي ويندو.[2]

مشهور مُفسر قرآن مُفتي احمد يار خان نعيمي رحمةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: جيڪڏھن توھان معمولي روزي تي بہ گھڻو شڪر ڪيو تہ الله پاڪ توھان جي معمولي عملن جي تمام گھڻي قدر فرمائيندو.[3]

| | |
|---|---|
| تاج و تخت و حکومت مت دے | کثرتِ مال و دولت مت دے |
| اپنی رِضا کا دیدے مژدہ | یااللہ! مری جھولی بھر دے (4) |

1...ذوقِ نعت، صفحہ:206ملتقطاً.
2...الآداب للبيهقي،باب فی فضل الصبروانتظار الفرج، صفحہ:307، حديث:934.
3...مرآة المناجيح، جلد:7، صفحہ:84.
4...وسائل بخشش، صفحہ:123.

## رب جي رضا ۾ راضي رهڻ واري جي لاءِ خوشخبري

الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو:

طُوْبٰى لِمَنْ هُدِيَ لِلْاِسْلَامِ وَكَانَ عَيْشُهُ كَفَافًا، وَقَنَعَ يعني خوشخبري آهي ان جي لاءِ جنهن کي اسلام جي هدايت ڏني وئي ۽ ان جي آمدني گذر بسر جيتري هجي ۽ اهو ان تي قناعت ڪري يعني صبر و شڪر سان راضي رهي.[1]

## ٿوري رزق تي راضي رهڻ وارن جو مقام

هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو ته الله پاڪ منهنجي امت جي هڪ گروهه کي پَر عطا فرمائيندو، جن جي ذريعي اهي قبرن مان اٿي ڪري جنّت ۾ هليا ويندا ۽ اُتي جيئن چاهيندا مزا ماڻيندا. ملائڪَ انهن کان پڇندا: ڇا توهان حساب ڏئي چڪا آهيو؟ اهي چوندا: اسان حساب ناهي ڏنو. ملائڪ وري پڇندا: ڇا توهان پلصراط تان گذري چڪا آهيو؟ اهي جواب ڏيندا: اسان پلصراط ناهي ڏٺي. پوءِ ملائڪَ پڇندا: توهان جهنم ڏٺو؟ اهي چوندا: اسان ڪنهن شيءِ کي ناهي ڏٺو. تڏهن ملائڪ انهن کي چوندا: توهان ڪنهن جي اُمّت مان آهيو؟ اهي خوش نصيب جنتي چوندا: اسان اِمامُ الانبياء، حضرت محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا امتي آهيون، ملائڪَ چوندا: اسان توهان کي الله پاڪ جو قسم ڏيون ٿا، ٻڌايو دنيا ۾ اوهان جا ڪهڙا عمل هئا؟ اهي جواب ڏيندا: اسان جون ٻه عادتون هيون، جن جي ڪري الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان هن مرتبي کي پهتاسين: (1): اسان اڪيلائي ۾ به الله پاڪ جي نافرماني کان حياء ڪندا هئاسين ۽ (2): اسان الله پاڪ جي عطا ڪيل ٿوري رزق تي راضي رهندا هئاسين.[2]

1... ترمذی، كتاب الزہد، باب ماجاء فی الكفاف و الصبر عليہ، صفحہ:561، حديث:2349مفہوماً۔
2...قوت القلوب، شرح مقام التوكل ووصف احوال المتوكلين، جلد:2، صفحہ:65۔

اي عاشقانِ رسول! جيڪو الله پاڪ جي ڏنل رزق تي راضي ٿيندو، الله پاڪ ان جي ٿوري عمل تي راضي ٿيندو، جيڪي ربَّ جي رزق تي راضي رهندا اهي پنهنجي قبرن مان اڏامي ڪري جنّت ۾ هليا ويندا، نہ اهي ميدانِ محشر جو رخ ڪندا، نہ اعمالنامہ انهن جي هٿ ۾ ڏنا ويندا، نہ حساب ڪتاب جو معاملو ٿيندو، نہ پلصراط تان گذرڻو پوندو جيڪا وارَ کان سنهي ۽ تلوار کان وڌيڪ تيز آهي. اندازو لڳايو! اهي ڪيترا خوش نصيب هوندا، جيڪي انهن مرحلن کان بچندي پنهنجي قبرن مان اڏامي ڪري سڌو جنّت ۾ هليا ويندا. ڪاش! اسان بہ الله پاڪ جي ڏنل ٿوري رزق تي راضي ٿي وڃون.

تاج و تخت و حکومت مت دے
اپنی رِضا کا دیدے مژدہ

کثرتِ مال و دولت مت دے
یااللہ! مری جھولی بھر دے(1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (3) سُستي ۽ ڪاهلي

پيارا اسلامي ڀائرو: اڄ معاشري ۾ بي روزگاري وڌي رهي آهي، ان جو هڪ وڏو سبب سُستي ۽ ڪاهلي بہ آهي. ڪيئي نوجوان اهڙا بہ آهن جن جو ذهن هوندو آهي تہ اسان کي هڪ ڪکُ ڀڃين ڀيڻو ناهي ڪرڻو، ائين ئي ويني مال ايندو رهي، اسان مزي سان عيش سان زندگي گذاريندا رهون.

ائين ناهي ٿيندو. هي دنيا محنت ڪرڻ وارن جي آهي، جيڪو محنت ڪندو آهي، ان کي صِلو ملندو آهي، جيڪو سُستي ڪندو آهي، فارغ رهندو آهي، محنت کان جيءُ چُرائيندو آهي، ان جي نصيب ۾ صرف پڇتائڻ ئي ايندو آهي.

## دنيا ۽ آخرت جي ورهاست

حضرت علامہ قُشيري رحمةُ اللهِ عَلَيْه رسالي قشيريہ ۾ لکن ٿا: الله پاڪ دنيا جي

1...وسائل بخشش، صفحہ:123۔

ورهاست محنت تي ۽ آخرت جي ورهاست تقوا تي رکي آهي.[1]
يعني جيڪو ٻانهو دنيا ۾ ڪاميابي گهري ٿو، ان کي گهرجي تہ خوب محنت ڪري ۽ جيڪو آخرت ۾ ڪاميابي چاهي ٿو، اهو تقوا اختيار ڪري، ائين ئي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي نصيب ٿي ويندي.

## ڪجيءَ جو ٿُڙ لوڏڻ جو حڪم

قرآنِ ڪريم ۾ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي امڙ سائڻ حضرت بيبي مريم رحمةُ اللهِ عَلَيْها جو هڪ واقعو ذڪر ٿيو آهي، جڏهن حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي ولادت (*Birth*) جو وقت ويجهو آيو هو، حضرت مريم اڪيليون هيون، سندن ڪجھ کائڻ جي حاجت ٿي، سندن ويجهو ئي هڪ سُڪل ڪجيءَ جو ٿڙ هو، ان جا ڦرها بہ نہ هئا، خالي ٿُڙ ئي هو، حضرت مريم رحمةُاللهِعَلَيْها کي حڪم ٿيو:

| | |
|---|---|
| وَ هُزِّيٓ اِلَيۡكِ بِجِذۡعِ النَّخۡلَةِ تُسٰقِطۡ عَلَيۡكِ رُطَبًا جَنِيًّا ﴿۲۵﴾ (سيپارو: 16، مريم: 25) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ڪجيءَ جي ٿڙ کي پڪڙي پنهنجي طرف ڌوڏيو، اهو توهان تي عمده تازيون ڪجورون ڪيرائيندو. |

صحابيءِ رسول حضرت عبدُالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنهما فرمائن ٿا: اهو ٿڙ بلڪل سُڪل هو جڏهن حضرت مريم رحمةُ اللهِ عَلَيْها ان ٿڙ کي لوڏيندي مٿي ڏنو تہ ان تي ڦرها ڦُٽِي آيا، پوءِ انهن تي ٻور لڳو، ٻور ڪچي ڪجورن ۾ تبديل ٿيو، انهن تي رنگ آيو، ڪتلون ٿيون، پوءِ پچي ويون ۽ تازيون رس واريون ڪجورون ٿي ڪري پاڻ سڳورن رحمةُ اللهِ عَلَيْها جي سامهون ڪِرڻ لڳيون، انهن مان ڪابہ ڦاٽندي نہ هئي. هي سڀ ڪجھ اک ڇنڀ ۾ ٿيو.[2]
هاڻي هتي ڏسو! هي الله پاڪ جي ڪهڙي قدرت آهي جو ٿڙ بلڪل سڪل هو، الله پاڪ گهڙي ڪن ۾ ان کي سائو بہ ڪري ڇڏيو، ان تي ميوو بہ لڳائي

1 الرسالة القشيرية ،باب التقوىٰ، صفحه:142 ـ
2...تفسيرِ قرطبی،پاره:16،مريم،زيرِ آيت:25،جز:11،جلد:6،صفحه:17ـ

ڇڏيو، گهڙي کن ۾ ميوو تيار به ڪري ڇڏيو! ٿورو سوچڻ جي ڳالھ آهي، جڏهن الله پاڪ اهڙين قدرتن وارو آهي ته حضرت مريم رحمةُ اللهِ عَلَيْها کي ھي حڪم ڇو ڏنو:

| | |
|---|---|
| وَهُزِّيٓ اِلَيۡكِ | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ کجيءَ جي ٿڙ کي پڪڙي پنهنجي طرف ڌوڻيو. |

ان جي لوڏڻ بغير به ته ھي سڀ ڪجھ ٿي سگھيو ٿي...؟ حضرت مولا علي شيرِ خُدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ھن جو راز بيان ڪندي فرمائن ٿا:

| | |
|---|---|
| اَلَمْ تَرَاَنَّ اللهَ قَالَ لِمَرْيَمَ | وَهُزِّيْ اِلَيْكِ الْجِذْعَ تُسَاقِطِ الرُّطَب |
| وَلَوْشَاءَ مَالَ الْجِذْعُ مِنْ غَيْرِ هَزِّهَا | اِلَيْهَا وَلٰكِنِ الْاُمُوْرُ لَهَا سَبَب |
| تَوَكَّلْ عَلَى الرَّحْمٰنِ فِيْ كُلِّ حَاجَةٍ | وَلَا تَتْرُكَنَّ الْجُهْدَ فِيْ كَثْرَةِ التَّعَب |

ترجمو: يعني ڇا توھان نه ڏٺو جيڪو الله پاڪ حضرت مريم رَضِیَ اللّٰهُ عَنه کي فرمايو ته کجيءَ جو ٿڙ پڪڙي ڪري پنهنجي طرف لوڏ تنهنجي مٿان تازيون کجورون ڪرنديون حالانڪ جيڪڏهن اُهو پاڪ پروردگار چاهي ها ته ان کي لوڏڻ بغير ٿڙ پاڻ ئي انهن ڏانهن جهڪي وڃي ها (پر ائين نه ٿيو ھي ان ڪري جو دنيا عالَمِ اسباب آهي ۽ ھتي) ھر ڪم جو ڪو نه ڪو سبب مقرر آهي لهٰذا توهان ھر حاجت ۾ الله پاڪ تي ئي پروسو ڪيو ۽ سخت ٿڪيل ھجڻ جي باوجود ڪوشش ڪرڻ نه ڇڏجو.

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو، محنت ۾ عظمت آهي. اسان کي گهرجي ته حلال روزي ڪمايون، چڱي نيت سان ڪمايون ۽ ان جي لاءِ محنت به ڪندا ڪيون.

## محنت ڪرڻ ۾ بهتري آهي

مسلمانن جا ٻيا خليفه حضرت عُمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنه جي دورِ خلافت ۾ جوته مالِ غنيمت گهڻو ايندو هو ۽ حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنه ماڻهن ۾ مال

ورهائيندا به هئا، هاڻي چوته آمدني ٿي رهي هئي، لهٰذا ڪجھ ماڻهن محنت مزدوري ڪرڻ ڇڏي ڏني، ان تي پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنه خطبو ڏيندي ارشاد فرمايو: اَيُّهَا النَّاسُ اَصْلِحُوا مَعَايِشَكُمْ فَاِنَّ فِيهَا صَلَاحًا لَكُمْ وَصِلَةً لِغَيْرِكُمْ يعني اي انسانو! ڪم ڪار ڌانهن ڌيان ڏيو جو ان ۾ توهان جي لاءِ بهتري ۽ توهان جي طرف کان ٻين جي لاءِ صلهءِ رحمي آهي (يعني مال ڪمائيندؤ ته زال ٻارن ٻچن جا حقوق پورا ڪري انهن سان صلهءِ رحمي ڪري سگهندؤ).

الله پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي، بي روزگاري کان اسان کي بچائي، حلال رزق ڪفايت جيترو نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## رزق جي تنگي جو هڪ اهم سبب

پيارا اسلامي ڀائرو! روزگار نه ملڻ، رزق ۾ تنگي اچڻ، ڪڏهن ڪڏهن اسان وٽ هي شڪايت هوندي آهي ته گهڻو ڪمائيندو آهيان پر برڪت نه ٿيندي آهي. انهن مسئلن جو هڪ باطني سبب به آهي ۽ اهو آهي: دل ۾ فقر (غريبي) جو خوف. جڏهن اسان جي دل ۾ اهو خوف ويهي ويندو آهي ته جيڪڏهن مان هي رقم فلاڻي ڪم لاءِ، جهڙوڪ مسجد، مدرسي وغيره جي لاءِ ڏيندس ته مون وٽ ڇا بچندو؟ اهو خوف اسان کي صدقو ۽ خيرات ڪرڻ کان روڪي ڇڏيندو آهي. جڏهن انسان صدقو ۽ خيرات ڪرڻ کان رڪجي ويندو آهي ته ان جي رزق ۾ تنگي اچڻ شروع ٿي ويندي آهي.

صحابيه آهن: حضرت اسماء رضي الله عنها هڪ ڀيرو بارگاهِ رسالت ۾ حاضري ٿيون ۽ عرض ڪيائين: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيهِ وَ آلِه وَسَلَّم! منهنجو مڙس جيڪو ڪمائي آڻي ٿو، اهو ئي هوندو آهي، ڇا ان مان به خرچ ڪريان؟ محبوبِ ذيشان

صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَ آلِهِ وَسَلَّم فرمايو: الله جي راه ۾ خرچ ڪريو! مال نہ روڪيو! نہ تہ توهان تي رزق تنگ ڪيو ويندو[1].

علامہ عيني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن فرمانِ مبارڪ جو مطلب بيان ڪندي لکن ٿا: مطلب اهو آهي تہ غربت جي خوف کان صدقو ڏيڻ بند نہ ڪريو! نہ تہ توهان تي رزق روڪيو ويندو، توهان جو روزگار ختم ٿي ويندو.(عمدة القاري)
ان مان معلوم ٿيو تہ صدقو ڪرڻ سان رزق وڌندو آهي، ان ۾ برڪت ايندي آهي ۽ صدقو بند ڪرڻ سان رزق ۾ تنگي پيدا ٿيندي آهي ۽ روزگار ملڻ ۾ رڪاوٽون پيدا ٿينديون آهن.

ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان امير هجون يا غريب، آمدني گهٽي هجي يا گهٽ هجي، هر حال ۾، جيتري اسان جي طاقت آهي، ان مطابق ڪجهہ نہ ڪجهہ الله جي راهہ ۾ ضرور خرچ ڪندا رهون. ان جي برڪت، اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الڪريم، غربت ختم ٿيندي، رزق ۾ اضافو بہ ٿيندو، برڪت بہ ملندي ۽ جيڪڏهن الله پاڪ چاهيو تہ آخرت ۾ گهڻو ثواب بہ نصيب ٿيندو.

## نيڪي ٽون جي ترغيب

الله پاڪ جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي ديني ڪم جي لاءِ مالي تعاون ڪرڻ بہ آهي. اَلحَمۡدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي سڄي دنيا ۾ دينِ اسلام جي خدمت جي لاءِ ڪوشان آهي. 80 کان وڌيڪ مختلف شعبن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. ❁ دعوت اسلامي هاڻي تائين هزارين مسجدون ناهي چڪي آهي ❁ علم دين جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ هزارين مدرسة المدينہ قائم ڪري چڪي آهي ❁ لکين حافظ، قاري، امام، مبلغ، معلّم، عالم و مفتي تيار ڪرڻ سان گڏوگڏ اصلاحِ امت ۽ ڪردار سازي جو ڪم جاري

[1] بخاري،ڪتاب الزڪاة، باب التحريض على الصدقة والشفاعة فيها، صفحہ:400، حديث:1433۔

آهي، لڪين عاشقانِ رسول! **مونکي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي** جي حصول جي ڪوشش ۾ لڳل آهن ❁ متعدد دارُالافتاء اهل سنّت قائم ٿي چڪا آهن، جتي مفتيانِ ڪرام اُمّت جي شرعي رهنمائي ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهن ❁ المدينةُ العلميہ ( Islamic Research Center) ۾ مختلف موضوعن تي بي شمار ديني ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ❁ فيضانِ آن لائن اڪيڊمي (بوائز ۽ گرلز) قائم آهي جنهن جي ذريعي آن لائن عالم ڪورس، قرآن پاڪ حفظ ڪرايو ويندو ۽ ناظره پڙهايو ويندو آهي، ماڻهن کي گهر ويٺي علمِ دين جي روشني پڄائي پئي وڃي ❁ انگلش ميڊيم اسلامڪ اسڪولنگ سسٽم بنام دارُ المدينہ جي ذريعي هزارين ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ❁ مدني چينل جي ذريعي 6 وڏي سيٽلائٽس تي اُردو،انگلش ۽ بنگلہ زبانن ۾ دين جي خوب خدمت ڪئي پئي وڃي❁ شعبي FGRF جي ذريعي فلاحي ۽ سماجي خدمتن جو سلسلو بہ جاري آهي. اچو!سڀ گڏجي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي هن عظيم ڪم ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيون.

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! 3 نومبر 2024 تيلي ٿون (چندو/ Donation جمع ڪرڻ جي مهم) جو سلسلو ٿيندو، پاڪستاني ڪرنسي جي مطابق 1 يونٽ 10 هزار روپئي جو هوندو، توهان بہ پنهنجي صدقات، عطيات(Donation) سان تعاون فرمايو. پنهنجي مرحومن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ يونٽ جمع ڪرايو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. يونٽ جمع ڪرڻ جو پنهنجو ڪو هدف ناهي ڪري هاڻي کان وٺي ان جي لاءِ رابطو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو.

الله پاڪ اسان سڀني کي نيڪ ڪمن ۾ اڳيرو ٿي ڪري حصو وٺڻ جي توفيق عطا فرمائي.اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم | اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

## حرام ڪمائڻ ڪان بچو!

پيارا اسلامي ڀائرو: يقيناً دنيا ۾ غربت تمام گھڻي آهي، مهانگائي به چيلهه ڀڃي رهي آهي، ماڻهو مشڪل ۾ به آهن پر ان جو هي مطلب نه آهي ته اسان حلال ۽ حرام جي پرواهه ڪرڻ بغير مال ڪمائڻ شروع ڪري ڏيون، رزق ڪمائڻ گهرجي پر حرام جي ذريعي سان نه.... حلال ذيعي سان. ❁ رشوت وٺڻ به حرام آهي، ڏيڻ به حرام آهي ❁ ڪوڙ ڳالهائي ڪري سودو وڪڻڻ به گناهه آهي ❁ماپ تور ۾ ٺڳي ڪرڻ به گناهه آهي ❁ ملاوت ڪري ڌوڪو ڏيڻ به گناهه آهي ❁ اهڙيءَ طرح ناحق پنڻ، پنڻ کي پيشو بڻائڻ به ناجائز ۽ حرام آهي ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. ان کان علاوه به مال ڪمائڻ جا ڪيئي حرام ذريعا آهن، اسان کي انهن سڀني کان بچڻو آهي. صرف ۽ صرف حلال ئي ڪمائڻو آهي ۽ حلال ئي کائڻو آهي.

## جهنم ان جي گهڻو لائق آهي

حديثِ پاڪ آهي: جيڪو گوشت حرام سان پلجو اهو جنّت ۾ داخل نه ٿيندو جهنم جو وڌيڪ حقدار آهي.[1] ❁ هڪ روايت ۾ آهي: جنهن حرام جو هڪ گرهه کاڌو ان جون 40 ڏينهن جون نمازون ۽ دعائون قبول نه ڪيون وينديون. ❁ وڌيڪ هڪ روايت ۾ آهي: انسان جي پيٽ ۾ جڏهن حرام جو گرهه پوندو آهي، زمين ۽ آسمان جو هر ملائڪ ان تي ان وقت تائين لعنت ڪندو آهي جيستائين اهو حرام گرهه ان جي پيٽ ۾ رهي ۽ جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ مري ويو ته ان جو ٺڪاڻو جهنم هوندو.[2]

سود و رشوت میں نُحُوست ہے بڑی | نیز دوزخ میں سزا ہوگی کڑی

1 .مسند امام احمد ،جلد:6 ،صفحه:95 ،حديث:14815 ملتقطاً ۔
2 مكاشفة القلوب،باب فی بيان الخوف، صفحه:12

## ناحق پنڻ جو وبال

حديث شريف ۾ آهي: جيڪو شخص ماڻهن کان سوال ڪري، حالانڪ نہ ان ڪي فاقو پهتو، نہ اوترا ٻار ٻچا آهن جن جي طاقت نٿو رکي تہ قيامت جي ڏينهن اهڙي طرح ايندو جو ان جي منهن تي گوشت نہ هوندو.[1] معجم ڪبير جي حديث پاڪ آهي: جيڪو شخص بنا حاجت سوال ڪندو آهي، ڄڻ ٽانڊا ڪائيندو آهي.[2] مسلم شريف ۾ حديث پاڪ آهي: جيڪو مال وڌائڻ جي لاءِ سوال ڪندو آهي، اهو ٽانڊن جو سوال ڪندو آهي تہ چاهي گهٽو گهري يا گهڻ جو سوال ڪري.[3] هڪ ٻي روايت ۾ آهي: جيڪو ماڻهن کان سوال ڪري، ان ڪري جو پنهنجي مال کي وڌائي تہ اهو جهنم جو گرم پٿر آهي، هاڻي ان کي اختيار آهي، چاهي ٿورو گهري يا گهڻو طلب ڪري.[4]

## رشوت جو وبال

پيارا اسلامي ڀائرو! حرام ڪمائڻ، کائڻ ۽ پنهنجي زال ۽ ٻارن کي کارائڻ جو وبال ئي وبال آهي، عام طور تي نيڪ پرهيزگار نظر اچڻ وارا ڀائها بہ علمِ دين جي کمي جي وجهہ سان ان وبال جو شڪار ٿي ويندا آهن، لهٰذا اسان کي گهرجي تہ عاشقانِ رسول عالمن سان رابطي ۾ رهون، بنيادي ضروري علمِ دين سکندا رهون، دارُ الافتاء اهلسنت کان پنهنجي معاملن جي باري ۾ سوالات ڪندا رهون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان اسان حرام مال جي نحوست کان بچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين، نہ تہ ڪٿي مالِ حرام اسان کي آخرت ۾ برباد نہ ڪري ڇڏي.

حُسنِ ظاہر پر اگر تُو جائے گا
عالمِ فانی سے دھوکہ کھائے گا
یہ مُنَقّش سانپ ہے ڈس جائے گا
کر نہ غفلت یاد رکھ پچھتائے گا
ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے
کرلے جو کرنا ہے آخر موت ہے

---

1… شعب الايمان ج٣ ص ٢٧٤ حديث ٣٥٢٦ دارالكتب العلمية بيروت) ـ
2… (المعجم الكبير، ج٤ ص١٥ حديث ٣٥٠٦ دار احياء التراث العربى بيروت) ـ
3…(صحيح مسلم ص ٥١٨، حديث ١٠٤١ دار ابن حزم بيروت) ـ
4…(الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج٥ ص ١٦٦ حديث ٣٣٨٢دارالكتب العلميةبيروت)ـ

الله پاڪ اسان کي حلال رزق ڪمائڻ، حلال ئي کائڻ، حرام کان هميشہ بچڻ جي توفيق عطا نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## حلال طريقي سان ڪمائڻ جا مدني گُل

پيارا اسلامي ڀائرو! صرف وياج ۽ رشوت وغيره ئي حرام ناهي، حرام ڪمائڻ جا ٻيا بہ ڪوڙ انداز آهن، ڪڏهن ڪڏهن اسان سمجهي رهيا هوندا آهيون تہ مان حلال ڪمائي رهيو آهيان پر ان ۾ حرام جي ملاوٽ ٿي چڪي هوندي آهي، ان ڪري ضروري آهي تہ حلال ڪمائي جي متعلق ضروري علمِ دين بہ لازمي سکو. امير اهلسنّت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو نهايت ئي پيارو رسالو آهي: **حلال طريقي سان ڪمائڻ جا مدني گُل**. هي رسالو هر مسلمان کي لازمي پڙهڻ گهرجي. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## روزگار ملڻ جو وظيفو

2 رڪعتون نفل ادا ڪيو ۽ سلام ڦيرڻ کان پوءِ 182 ڀيرا **يَالَطِيْفُ** (اوّل آخِر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي ڪري جائز ۽ آسان ملازمت يا حلال روزگار ملڻ جي لاءِ دعا ڪيو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دعا قبول ٿيندي.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار مدني مذاڪرو

اي عاشقانِ رسول! خوفِ خُدا حاصل ڪرڻ، نيڪ اعمال جو جذبو ماڻڻ، بُرائين کان پاڻ کي بچائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور شرڪت ڪيو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون خوب خوب برڪتون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار مدني مذاڪرو بہ آهي.

الحمد لله! شيخِ طريقت، اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ هر چنچر تي نمازِ عشاء کان بعد مدني چينل تي براءِ راست مدني مذاکرو ڪندا آهن، جنهن ۾ بيشمار عاشقانِ رسول تفسير، حديث، شريعت، طريقت وغيره مختلف موضوعن تي مشتمل سوال ڪندا آهن، امير اهلسنت انهن جا جوابَ ارشاد فرمائيندا آهن. هفتيوار مدني مذاڪرو چنچر جي ڏينهن نمازِ عشاء کان بعد مدني چينل تي لائيو (*Live*) ڏيکاريو ويندو آهي. مدني مذاڪرو اصلاح عقائد و اعمال جو بهترين ذريعو آهي: ❁الحمد لله! هاڻي هزارين غير مُسلم مدني مذاڪرو ڏسي ڪري ڪلمو پڙهي چڪا آهن.❁ لکين بي نمازي نمازي بڻجي چڪا آهن ❁ هزاري دلين جي اصلاح ٿي آهي.

اوهان بہ مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ❁ علم دين حاصل ٿيندو ❁ محبتِ الٰهي ملندي ❁ عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو ❁ گناهن کان نفرت نصيب ٿيندي ❁ نيڪي جو جذبو ملندو ۽ اخلاق ۽ ڪردار ۾ بہ بهتري ايندي. تمام اسلامي ڀائر پابندي سان مدني مذاڪرو ڏسڻ جي نيت ڪري وٺو!

## علم ۽ حڪمت ڀريو مدني مذاڪرو

هڪ نوجون جو بيان آهي: نمازون قضا ڪرڻ، فلمون ڏسي ڪري شيطان کي خوش ڪرڻ ۽ گانا باجا وغيره ٻڌي ڪري مست رهڻ منهنجو معمول هو، افسوس! مان سنّتن تي عمل ڪرڻ کان محروم هيس، منهنجي گناهن ڀري زندگيءَ ۾ بهار هيئن آئي جو هڪ ڏينهن هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي سان منهنجي ملاقات ٿي وئي. انهن مون کي سمجهائيندي اجتماعي سنّت اعتڪاف (*Mindset*) جو ذهن ڏنو، انهن جي پياري انداز ۾ ڏنل نيڪي جي دعوت منهنجي دل تي اثر (*Effect*) ڪري وئي ۽ مان اجتماعي اعتڪاف ۾ شريڪ ٿي ويس، هاڻي منهنجا رات ڏينهن عبادت ۾ گذرڻ لڳا، پُرسوز بيان ۽ رقت انگيز دعائن منهنجي دل جي دنيا ئي تبديل ڪري ڇڏي، ڪرم مٿان ڪرم هي ٿيو جو اجتماعي اعتڪاف ۾ اميرِ اهلِ

سنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جو مدني مذاكرو ٻڌڻ جي سعادت ملي، سندن پُر اثر ملفوظات سان مان ايتري قدر متاثر (*Impress*) ٿيس جو مون فوراً پنهنجي سابقہ گناهن کان توبھ ڪئي ۽ نمازن جي پابندي جو عزم ڪري ورتو، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جي ترغيب (*Motivation*) ڏيارڻ تي چند رات جو گهر وڃڻ بدران راهِ خدا جو مسافر بڻجي ويس جتي علمِ دين جي سنهري موتين سان دامن پرڻ جو موقعو مليو ۽ سنّتون سکڻ سان گڏوگڏ انهن تي عمل ڪرڻ جو جذبو بہ دل ۾ چوليون ڏيڻ لڳو.

مدنی مذاکرہ ہے شریعت کا خزینہ | اَخلاق کا، تہذیب کا، طریقت کا خزینہ

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرآن ٽيچر موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ ٽيڪنالوجي جو دور آهي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! قرآن ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي ***I.T*** ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، ان جو نالو آهي: قرآن ٽيچر (Quran Teacher)۞هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي اسان درسِ نظامي، فيضانِ نماز ڪورس ۽ زڪوات ڪورس جهڙن بيشمار آن لائن ڪورسز جي رجسٽريشن ڪرائي سگهجي ٿي ۞ايجوڪيشن پورٽل (Educational Portal) ۾ پنهنجي آن لائن سرگرمين جي باري ۾ باخبر رکيو ويندو آهي ۞ دعوتِ اسلامي جي هن پليٽ فارم تي تقريباً 55 کان وڌيڪ اسلامي ڪورسز ڪرايا ويندا آهن. ۞ هي ايپلي ڪيشن آن لائن ٿيڻ وارن ڪورسز جي باري ۾ بہ معلومات (*Information*) فراهم ڪندي آهي اوهان پنهنجي مرضي جي مطابق ڪنهن بہ ڪورس جو انتخاب ڪري سگهو ٿا ۽ بنا ڪنهن مُشڪل جي آن لائن قرآن سکڻ جي لاءِ داخلا وني سگهو ٿا.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ڪجھ ضروري اعلانات

هر هفتي اميرِ اهلسنت مدني دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ ڇنڇر تي به رات جي وقت مدني چينل تي اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! هفتيوار مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ سوالن جا جوابَ به عنايت فرمائيندا. تمام ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي به هن جي دعوت ڏين، شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهن جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو "صحت چڱي رکڻ وارين غذائن جي باري ۾ 16 سوال جواب" جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ پڙهو! ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا مثال طور واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب جي لاءِ ٻين کي به شئير (*Share*) ڪيو! ❀ غوثِ پاڪ جي حياتِ پاڪ جون اهم ڳالهيون ۽ اولياءِ ڪرام جي باري ۾ معلومات جو خزانو هڪ ننڍڙي رسالي ۾ جمع ڪيو ويو آهي، جنهن کي مڪتبةُ المدينہ پياري مرشد جي نالي سان شايع ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي آهي. اوهان هن رسالي کي 180 رپين ۾ مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان حاصل فرمايو، هن ڪتاب کي پاڻ به پڙهو! ۽ ٻين کي به هن جي ترغيب ڏياريو! غوثِ پاڪ رحمةُ اللهِ عَلَيۡه جي وڏي يارهين شريف جي پياري موقعي تي مجلس تقسيمِ رسائل پيش ڪري رهيو آهي، فيضانِ غوثيہ پيڪيج، هي مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان 200 ۾ قيمت ڏئي ڪري طلب فرمايو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو:

مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.1

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڏاڙهي رکڻ سنتِ مصطفيٰ آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مُڇيون ڪترايو ڏاڙهيون وڌايو مجوسين جي مخالفت ڪيو! (مسلم، ڪتابُ الطهارت، باب:خِصَالُ الْفِطْرَة، صفحہ:153، حديث:257۔)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏاڙهي رکڻ سُنَّتِ مصطفيٰ بلڪ سُنّتِ انبياء آهي ❁ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏاڙهي مبارڪ هميشہ هڪ مُٺي جي مقدار رهندي هئي ❁ جيڪڏهن هڪ مُٺي جي مقدار کان وڌي ويندي هئي تہ گهٽ ڪرائيندا هئا ❁ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏاڙهي مبارڪ ويڪر ۾ اهڙي هئي جو سيني مُبَارڪ کي پري ڍڪيندي هئي.(انوارِ جمالِ مصطفےٰ، صفحہ:157 خلاصةً)

❁ اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏاڙهي ڪترائڻ ۽ مڇيون وڌائڻ کي سخت ناپسند ڪندا هئا ❁ بهارِ شريعت ۾ آهي: ڏاڙهي ڪترائڻ يا هڪ مُٺي کان گهٽ ڪرڻ حرام آهي.(بهارِ شريعت، حصہ:16، جلد:2، صفحہ:586۔)

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550

1...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد